


# الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت ڪيئن حاصل ٿئي؟

تحت هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت ڪيئن حاصل ٿئي؟

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمناً مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

سَيِّدُ المُرسَلِين، جنابِ رَحمَة لِّلعٰلَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: جنهن مون تي هڪ دفعا دُرُوْدِ پاڪ پڙهيو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ ڏهه (10) نيڪيون لکندو آهي، ڏهه (10) گناهہ معاف فرمائيندو آهي ۽ ان جا ڏهه (10) درجات بلند فرمائيندو آهي ۽ هي ڏهه (10) غلام آزاد ڪرڻ جي برابر آهي.

(الترغيب والترهيب،۲/۳۲۲، حديث:۲۵۷۴)

جو درود وسلام پڑھتے ہیں
ان پہ رحمت خدا کی ہوتی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ اللّٰه جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ



www.dawateislami.net

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

## حقيقي ٻانهاءِ سچا محبوب:

**دعوتِ اسلامي** جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينه جي اها منفرد ڪتاب، جنهن ۾ 56 بيانات آهن، ان ڪتاب جو نالو آهي ”حکایتیں اور نصیحتیں“ ان جي صفحي نمبر 256 جي حڪايت ڪي جيڪڏهن توهان توجهه سان ٻُڌندا ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي معلوم ٿيندو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا حقيقي ۽ پسنديده ٻانها ڪير آهن. جيئن ته

حضرت سيدُنا محمد بن احمد مُفيد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، مون حضرت سيدُنا جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي فرمائيندي ٻُڌو، مون حضرت سيدُنا سِري سَقُطي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ سُتل هئس ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن مون کي بيدار ڪيو ۽ فرمائڻ لڳا: اي جنيد! مون ڏٺو ته ڄڻ آئون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي آڏو حاضر آهيان ۽ مون کي ارشاد فرمايو ويو: ”اي سَري! مون مخلوق پيدا ڪئي ته سيني



www.dawateislami.net

منهنجي مَحَبَّت جو دعويٰ ڪيو ٿئي. پوءِ مون دُنيا پيدا ڪئي ته نوّي فيصد (90%) ڀڄي ويا ۽ ڏهه فيصد (10%) باقي رهجي ويا. پوءِ مون جنّت پيدا ڪئي ته بقيه مان به نوّي فيصد (90%) ڀڄي ويا ۽ صرف ڏهه فيصد (10%) بچيا. پوءِ جڏهن مون انهن تي ذرّي برابر آزمائش نازل ڪئي، ته ان باقي رهڻ واري تعداد جو به صرف ڏهه فيصد (10%) بچيا ۽ باقي نوّي فيصد (90%) ڀڄي ويا. مون باقي رهڻ وارن کان پُڇيو: "نه ئي توهان دُنيا کي چاهيو، نه جنَّت طلب ڪئي، نه ئي آزمائش کان ڀڄيا. آخر! توهان ڇا چاهيو ٿا؟ ۽ توهان جو مقصود ڪير آهي؟ "ته اُنهن عرض ڪيو: "اسان جو مقصود تُون ئي تُون آهين، جيڪڏهن تُون اسان تي مُصيبتون نازل فرمائيندي، تڏهن به اسان تنهنجي مَحَبَّت کي نه ڇڏينداسين. "انهن کي چيو ويو: "توهان کي اهڙي مُصيبتن ۽ آزمائشن ۾ مبُتلا ڪيو ويندو جو پهاڙن کي به جن جي برداشت جي طاقت ناهي، ته ڇا توهان ان تي صبر ڪندؤ؟ "اُنهن عرض ڪيو: "جو نه موليٰ! جيڪڏهن تُون آزمائش ۾ مبتلا ڪرڻ وارو آهين، ته جيئن چاهين اسان کي آزماءِ . "(پوءِ فرمايو:) **اي سري! اهي ئي منهنجا حقيقي ٻانها ۽ سچا محبوب آهن."** (حکایتیں اور نصیحتیں، ص۲۵۶)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها هر حال ۾ صَبَّر ۽ شڪر جو مُظاهَرو ڪندي، ان جي رِضا تي راضي رهندا آهن ۽ ڪڏهن به زبان تي حرفِ شِڪايت نه آڻيندا ناهي، اهي ئي ماڻهون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا سچا محبوب آهن. اسان کي گهرجي ته اسان به اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جي لاءِ، ان جي طرف کان ملڻ واري آزمائشن تي صَبَّر جي عادت ٺاهيون، ايمان وارن کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان جهڙي مَحَبَّت هوندي آهي، اچو ته! ٻڌون. جيئن ته**



www.dawateislami.net

سيپاري 2 سُوْرَةُالْبَقَرہ جي آيت 165 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ
(۲،البقرۃ،۱۶۵)

**تَرْجَمو ڪنز الايمان:** ۽ ايمان وارن کي اللّٰه جي برابر ڪنهن جي مَحَبَّت ناهي.

ان آيت مبارڪ جي تحت تفسير ”صِراطُ الجنان“، جلد1، صفحي 264 تي تمام ئي پياري انداز ۾ مدني گُل بيان ڪيا ويا آهن، اچو تہ اسان بہ ٻُڌون، پر بيهو! پهريان آئون توهان کي **تفسيرِ صِراطُ الجنان** جي بي شمار خوبين مان ڪجھ خوبيون عرض ڪريان ٿو تہ جيئن اسان جو شوق وڌي ۽ اسان هن تفسير کي فجر جي مدني حلقي ۾ ٻُڌون يا پڙهي ٻُڌايون يا وري اِنفرادي طور تي پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪري دُنيا ۽ آخرت جي برڪتون ماڻيون.
(1) **تفسيرِ صِراطُ الجنان** ۾ هر آيت جا 2 ترجما ڏنا ويا آهن، هڪ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي **ڪنزالايمان مان**، ٻيو ترجمو آسان اُردو ۾ **ڪنزُالعرفان** جي نالي سان ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ اڪثر ڪري ڪنزالايمان مان ئي اِستفاده ڪيو ويو آهي. (2) **تفسيرِصِراطُالجنان** ۾ قابلِ اعتماد علماءِ ڪرام جي قديم ۽ جديد قرآني تفاسير ۽ ٻين اسلامي عُلوم تي لکيل ڪتابون بالخصوص اعليٰ حضرت **امام احمد رضا خان** رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي لکيل، ڪثير ڪتابن مان ڪلام اَخذ ڪري آسان انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي (3) **تفسير صِراطُ الجنان** ۾، **تفسير خزائنُ العرفان** ۽ **تفسير نورُالعرفان** جو فيضان آهي، **تفسير خزائنُ العرفان**، **خليفہ اعليٰ حضرت**، صدرُالافاضل سيد، حافظ، حڪيم مُفتي نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ۽ **تفسير نورُالعرفان** اِن جي خليفي، مُفسرِ شهير، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي آهي (4) **تفسير صِراطُ الجنان**



www.dawateislami.net

نہ زِيادہ طويل آهي نہ ئي تمام مختصر، بلڪ متوسط ۽ جامع آهي (5) **تفسير صِراطُ الجنان** ۾ حتي الاِمڪان آسان انداز اختيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن عام اسلامي ڀائر بہ ان مان فائدو حاصل ڪري سگھن (6) **تفسير صِراطُ الجنان** ۾ اعمال جي اِصلا ح جي لاءِ مُعاشرتي بُرائين جو تذڪرو ۽ معاشرتي برائين جا عذابَ بيان ڪيا ويا آهن (7) **تفسير صِراطُ الجنان** ۾ جنّت جي اِنعامات جي حصول جي ترغيب ۽ جهنم جي عذابن جي ترهيب موجود آهي (8) **تفسير صِراطُ الجنان** ۾ باطني امراض جي متعلق بہ ڪنهن حد تائين ڪلام ڪيو ويو آهي (9) **تفسير صِراطُ الجنان** ۾ والدين، رِشتي دارن، يتيمن، پاڙيسرين وغيره سان چڱو سلوڪ ڪرڻ ۽ صِلہء رحمي ڪرڻ جي متعلق بہ اِصلاحي مواد موجود آهي (10) **تفسير صِراطُ الجنان** ۾ عقائدِ اهلسنّت ۽ معمولاتِ اهلسنّت جي دلائل سان گڏ وضاحت ڪئي وئي آهي (11) **تفسير صِراطُ الجنان** ۾ موقعي جي مناسبت سان حضورِ پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عِظام جي سِيرت ۽ واقعات بہ ذِڪر ڪيا ويا آهن (12) **تفسير صِراطُ الجنان** ۾ آيتن مان حاصل ٿيڻ وارن رنگ برنگي، مختلف ۽ نرالي خوشبوئن وارا مدني گُل بہ موجود آهن.

محبتِ اِلٰهي سان معمور جيڪا آيت اسان ٻُڌي، ان جي متعلق **تفسير صِراطُ الجنان** ۾ آهي،

الله تَعاليٰ جا مقبول ٻانها، سموري مخلوق کان وڌيڪ الله تَعاليٰ سان مَحَبَّت ڪندا آهن. مَحبتِ اِلٰهي ۾ جيئڻ ۽ مَحبتِ الٰهي ۾ مرڻ، ان جي زِندگي جو مَقصد هوندو آهي. پنهنجي هر خوشي تي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ڪي ترجيح ڏيڻ، نرم ۽ آرامده بسترن کي ڇڏي ڪري بارگاهِ نياز ۾ سر بَسجود ٿيڻ، يادِ الٰهي ۾ روئڻ، رِضاءِ الٰهي جي حُصُول جي لاءِ تڙپڻ، سردين



www.dawateislami.net

جي ڏکين راتين ۾ قيام ۽ گرمين جي وڏن ڏينهن ۾ روزا، اللّٰه تَعالٰي جي لاءِ مَحَبَّت ڪرڻ، ان جي خاطر دُشمني رکڻ، ان جي خاطر ڪنهن کي ڪجھ ڏيڻ ۽ ان جي خاطر ڪنهن کان روڪي وٺڻ، نعمت تي شڪر، مُصيبت ۾ صبر، هر حال ۾ خُدا تي تَوڪل ڪرڻ، پنهنجي هر مُعاملي کي اللّٰه تَعالٰي جي سپرد ڪري ڇڏڻ، اَحڪامِ اِلٰهي تي عمل جي لاءِ هر وَقْت تيار رهڻ، دل کي غير جي مَحَبَّت کان پاڪ رکڻ، اللّٰه تَعالٰي جي محبوبن سان مَحَبَّت ۽ اللّٰه تَعالٰي جي دُشمنن سان نفرت ڪرڻ، اللّٰه تَعالٰي جي پيارن جو نياز مند رهڻ، اللّٰه تَعالٰي جي سڀ کان پياري رسول ۽ محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي دل ۽ جان سان محبوب رکڻ، اللّٰه تَعالٰي جي ڪلام جي تلاوت، اللّٰه تَعالٰي جي مُقرَّب ٻانهن کي پنهنجي دلين جي قريب رکڻ، اِن سان مَحَبَّت رکڻ، مَحَبَّتِ اِلٰهي ۾ اضافي جي لاءِ ان جي صُحبت اختيار ڪرڻ، اللّٰه تَعالٰي جي تعظيم سمجهندي انهن جي تعظيم ڪرڻ، اهي تمام اُمُور ۽ ان کان علاوه سَوَين ڪم اهڙا آهن، جيڪي مَحَبَّتِ اِلٰهي جي دليل بہ آهن ۽ ان جا تقاضا بہ آهن.

(تفسيرِصِراطُ الجنان،ص۲۶۴)

**اميرِ اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا اَبُوبلال محمد الياس عطار قادِري رضوي،** ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بارگاھ خُداوندي ۾ عرض ڪن ٿا:

مُشکلوں میں دے صبر کی توفیق
اپنے غم میں فقط گُھلا یا رَبّ

(وسائلِ بخشش،ص۸۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب ”اللّٰہ والوں کی باتیں“ ۾ هڪ اهڙي حديثِ پاڪ لکيل آهي، جنهن کي ٻُڌي ڪري گناهگارن جي اميد وڌي ويندي آهي ۽



www.dawateislami.net

نيڪو ڪار ڏجي ويندا آهن. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. ان حديثِ پاڪ کي ٻُڌي ڪري توهان کي معلوم ٿيندو ته جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ سان محبت ڪندو آهي، ان جي رات ڪيئن گذرندي آهي؟ جيئن ته

**شَهنشاهِ نُبوّت، مَخزنِ جُودوسخاوت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ جنّت نشان آهي:** **الله** عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدنا داوُد عَلَيْهِ السَّلام ڏانهن وحي موڪلي: "اي داوُد (عَلَيْهِ السَّلام)! گنهگارن کي خوشخبري ڏي ۽ صديقن کي ديڄار، انهيءَ تي حضرت سيدنا داوُد (عَلَيْهِ السَّلام) کي تعجب ٿيو، انهن عرض ڪيو: "ياربّ عَزَّوَجَلَّ آئون گنهگارن کي ڪهڙي خوشخبري ڏيان ۽ صدّيقن کي ڪيئن ديڄاريان؟

**الله** عَزَّوَجَلَّ فرمايو: "اي داوُد (عَلَيْهِ السَّلام) گنهگارن کي اها خوشخبري ڏي ته ڪو گناه منهنجي بخشش کان وڏو ناهي ۽ صدّيقن کي ان ڳالهه کان ديڄار ته اهي پنهنجي نيڪ عملن تي خوش نه ٿين جو مون جنهن کان به پنهنجي نعمتن جو حساب ورتو ته اهو تباهه ۽ برباد ٿي ويندو، اي داوُد (عَلَيْهِ السَّلام)! جيڪڏهن تون مون سان محبّت ڪرڻ چاهين ٿو ته دنيا جي محبت کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏ ڇاڪاڻ ته منهنجي ۽ دنيا جي محبت هڪڙي دل ۾ جمع نٿيون ٿي سگهن، اي داوُد (عَلَيْهِ السَّلام)! جيڪو مون سان محبت ڪندو آهي، اهو رات جو منهنجي بارگاهه ۾ تهجُّد ادا ڪندو آهي جڏهن ته ماڻهو سُتا پيا هوندا آهن، اهو اڪيلائي ۾ مون کي ياد ڪندو آهي جڏهن غافل ماڻهو منهنجي ذڪر کان غفلت ۾ پيا هوندا آهن، اهو منهنجي نعمت تي شڪر ادا ڪندو آهي جڏهن ته وسارڻ وارا مون کان غفلت اختيار ڪندا آهن."

(حلية الاولياء ،عبدالعزيز بن ابى رواد،رقم ١١٩٠٦، ج ٨،ص ٢١١ ـ الىٰ قوله الاهلک،بحر الدموع ص٢١ )



www.dawateislami.net

مِرے دِل سے دنیا کی چاہت مِٹا کر
کر اُلفت میں اپنی فنا یا اِلٰہی
عبادت میں گزرے مری زندگانی
کرم ہو کرم یا خدا یا الٰہی!
تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے
مِرے غوث کا واسطہ یا اِلٰہی!

(وسائلِ بخشش ،ص۱۰۵)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حقيقي مَحَبَّت اُن وَقت حاصل ٿي سگهي ٿي، جڏهن اسان کي ان جي حاصل ڪرڻ جا طريقا معلوم هوندا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جو سڀ کان اَهَم طريقو هي آهي تہ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سچي مَحَبَّت ۽ هر مُعاملي ۾ توهان جي اِطاعت ڪئي وڃي. ڇو جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مَحَبَّت جي حُصُول جي لاءِ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري کي شرط قرار ڏنو آهي. جيئن تہ سيپاري 3 سورهٴ اٰلِ عمران جي آيت 31 ۾ ارشادِ باري تَعالىٰ آهي:

## اطاعتِ رسول مَحَبّتِ الٰهي جو ذريعو

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۱﴾

**تَرجَمو ڪنز الايمان:** اي محبوب تون فرمائي تہ اي انسانو! جيڪڏهن توهان اللّٰه کي دوست رکو ٿا تہ منهنجا فرمانبردار ٿي وڃو اللّٰه توهان کي دوست رکندو ۽ توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ اللّٰه بخشڻهار مهربان آهي.

ان آيت مبارڪ مان مَعلوم ٿيو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت جو دعويٰ، اُنهيءَ وَقت سچّو ٿي سگهي ٿو، جڏهن اسان سيدِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ پيروي ڪنداسين. حَڪيمُ الاُمَّت حضرت مُفتي احمد يار خان



www.dawateislami.net

نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان آيت ڪريمہ جو خُلاصو بيان ڪندي فرمائن ٿا: اي نبي (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم!) توهان انهن ماڻهن کي فرمائي ڇڏيو، جيڪي توهان جي وسيلي جي بغير اسان جي مَحَبَّت جو دَم ڀرين ٿا يا جيڪي پنهنجو پاڻ کي رَبّ جو پيارو ڄاڻي ڪري توهان کان بي نياز ٿيڻ چاهين ٿا، يا جيڪي توهان جي اطاعت کان سِواءِ ٻين اَسباب سان خُدا تائين پهچڻ چاهين ٿا، انهن سڀني جي لاءِ اعلانِ عام ڪري ڇڏيو تہ جيڪڏهن توهان خدا سان مَحَبَّت ڪرڻ چاهيو ٿا تہ، نہ مون سان مُقابلو ڪريو نہ منهنجي برابري جو دَم ڀريو، نہ مون کان اڳتي اڳتي هلو، بلڪ غلام بڻجي ڪري منهنجي پويان پويان هلندا اچو، پنهنجا اَقوال، اَفعال، اَعمال، زندگي جي هر شُعبي کي منهنجي مثال بڻايو ۽ مون ۾ فنا ٿي وڃو، پوءِ مُعاملو برعڪس ٿيندو تہ رَبّ توهان کي پنهنجو محبوب بڻائي وٺندو ۽ توهان جيڪي چاهيندو، اهو ڪندو، ان سان گڏ هُو توهان جا سمورا گُناهہ مُعاف فرمائي ڇڏيندو، ڇو جو اللّٰه (عَزَّوَجَلَّ) وڏو غَفّار ۽ اَرحَمُ الرَّاحمين آهي، توهان پنهنجو پاڻ کي ان جي مغفرت ۽ رحمت جو اهل بڻايو، پوءِ مزو ڏسو. (تفسيرِ نعيمي،ج٣، ص٣٥٩-٣٦٠،ملتقطاً) تنهنڪري اسان کي بہ پنهنجا ڏينهن ۽ رات اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي احڪامن جي بجاآوري ۾ گذارڻ گهرجن، ڇو جو مَحَبَّت جو تقاضو بہ اهو ئي آهي تہ جنهن سان مَحَبَّت ڪئي وڃي، ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري بہ ڪئي وڃي.

مُطِیع اپنا مجھ کو بنا یاالٰہی — سدا سُنّتوں پر چلا یاالٰہی
تُو اَنگریزی فیشن سے ہردَم بچا کر — مجھے سنّتوں پر چلا یاالٰہی
تجھے واسِطہ سیِّدہ آمِنہ کا — بنا عاشقِ مُصطَفٰے یاالٰہی
(وسائلِ بخشش ،ص١٠١،١٠٠)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَحَبَّتِ الٰهي حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو هي به آهي ته اسان نماز جي پابندي ڪريون، ماهِ رمضان جا پورا روزا رکون، زڪوٰة ڪي وَقت تي اَدا ڪريون گڏوگڏ فرائض ۽ واجبات جي اَدائيگي سان نَوافل جو اهتمام ڪرڻ به بهترين عمل آهي.

نوافل پڙهڻ وارو به الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب ۽ پسنديده ٻانهو بڻجي ويندو آهي. جيئن ته

## نوافل جي ڪثرت ، مَحَبّتِ الٰهي جو ذريعو

حضرت سيدُنا ابُوهُريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مَروي آهي ته ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بَحروبَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: ”جنهن، ڪنهن ولي کي اَذِيت ڏني، آئون ان سان اعلانِ جنگ ڪريان ٿو ۽ ٻانهو منهنجو قُرب سڀ کان وڌيڪ فرائض جي ذريعي حاصل ڪندو آهي ۽ نَوافل جي ذريعي مُسلسل قرب حاصل ڪندو رهندو آهي، ايستائين جو آئون ان سان مَحَبَّت ڪرڻ لڳندو آهيان. جڏهن آئون ٻانهي کي محبوب بڻائي وٺندو آهيان، ته آئون ان جا ڪن بڻجي ويندو آهيان، جنهن سان اهو ٻڌندو آهي. ان جي اک بڻجي ويندو آهيان ،جنهن سان اهو ڏسندو آهي. ان جا هٿ بڻجي ويندو آهيان، جنهن سان اهو پڪڙيندو آهي ۽ ان جا پير بڻجي ويندو آهيان، جنهن سان اهو هلندو آهي. پوءِ اهو مون کان سُوال ڪري، ته آئون ان کي عطا ڪندو آهيان، منهنجي پناه چاهي، ته آئون ان کي پناه ڏيندو آهيان. (بخاری، کتاب الرقاق، باب التواضع، ۲۴۸/۴،حدیث:۶۵۰۲)

مُفَسّرِ شهير حڪيمُ الاُمَّت حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ان عبارت جو هي مطلب ناهي ته خدا تعاليٰ،



www.dawateislami.net

وَلي ۾ حُلُول ڪري ويندو آهي، جيئن ڪوئلي ۾ باهه يا گُل ۾ رنگ ۽ بُو، جو خدا تَعاليٰ حُلُول کان پاڪ آهي ۽ هي عقيدو ڪفر آهي بلڪ ان جا ڪجهه مطلب آهن هڪ هي ته وَليُّ اللّٰه جا هي اَعضاء، گُناهه جي لائق ناهين رهندا، هميشه ان کان نيڪ ڪم ئي سرزد ٿيندا آهن، ان تي عبادتون آسان ٿي وينديون آهن، جڏهن ته سموريون عبادتون ان سان آئون ڪرائي رهيو آهيان يا هي ته پوءِ اهو ٻانهو ان عضوَن کي دُنيا جي لاءِ استعمال ناهي ڪندو، صرف منهنجي لاءِ استعمال ڪندو آهي، هر شيءِ ۾ مون کي ڏسندو آهي، هر آواز ۾ منهنجي آواز ٻُڌندو آهي، يا هي ته اهو ٻانهو فَنا فِي اللّٰه ٿي ويندو آهي، جنهن سان خُدائي طاقتون ان جي عضوَن ۾ ڪم ڪنديون آهن ۽ اهو اهڙا ڪم ڪري ڇڏيندو آهي جيڪي عقل کان وَراء (سمجهه ۾ نه اچڻ وارا) آهن، حضرت (سَيِدُنا) يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جن ڪنعان ۾ ويهي مِصر کان هليل قميصِ يوسُفي جي خُوشبو سُونگهي ورتي، حضرت (سَيِدُنا) سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جن ٽي (3) مِيل جي فاصلي کان ماڪوڙي جي آواز ٻُڌي ورتي، حضرت آصِف بن بَرخيا جن اَک ڇنڀ کان پهريان يمن کان تختِ بلقيس آڻي ڪري شام ۾ حاضر ڪري ڇڏيو. حضرت (سَيِدُنا) عمر (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جن مدينهء مُنوَّره کان خُطبو پڙهندي نَهاوند تائين پنهنجي آواز پهچائي. حُضُورِ انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قيامت تائين جا واقعات بچشم مُلاحَظ فرمائي ورتا. هي سڀ اِنهيءَ طاقت جا ڪرشما آهن. (مرآۃ المناجيح، ۳۰۸/۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاش اسان فرائض جي پابندي سان گڏوگڏ نفلي عبادتن جا به پابند ٿي وڃون. ڪاش! فرض روزن سان گڏوگڏ اسان نفلي روزا مثلاً سومر ۽ جمعرات جا روزو به رکون، ڪاش! خوش دِلي سان پوري پوري زڪوٰة به ڏيون ۽ گڏوگڏ نفلي صدقات به ڏيون، مثلاً مساجد ۽ مدارس



www.dawateislami.net

جي تعميرات ۾ حصو وٺون، غريب پيٽ ڀائرن ۽ رِشتيدارن جي مالي مدد ڪريون، مسلمانن کي ڪارايون، پياريون. نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ خرچ ڪريون وغيره.

**ڪاش!** فرض حج سان گڏوگڏ نفل حج ۽ عُمري ڪرڻ جي سعادتون به حاصل ڪريون.

**ڪاش!** اسان فرض نمازن سان گڏوگڏ نفلي نمازون مثلاً تهجد، اِشراق ۽ چاشت، اوّابين وغيره به ادا ڪريون.

شيخِ طريقت،**اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسلامي ڀائرن جي 72 **مدني انعامات** ۾ نوافل جي ترغيب اِرشاد فرمائن ٿا، مثلاً **مدني انعام نمبر** 16 ۾"صلوٰةُ التوبہ"، **مدني انعام نمبر** 18 "فرضن کان پوءِ وارا نوافل"، **مدني انعام نمبر** 19 ۾ "نمازِ تهجد، اِشراق و چاشت ۽ اوّابين"، **مدني انعام نمبر** 20 ۾"تحيةُ الوضو ۽ تحيةُ المسجد".

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي **مدني انعامات** جو عامل بڻائي، **مدني انعامات** جو رِسالو باقاعدگي سان وٺڻ، وقت مقرر ڪري روزانو **فکرِ مدينہ** ڪرڻ ۽ هر مهيني ذِمہ دار کي جمع ڪرائڻ ۽ پنهنجي محبت حاصل ڪرڻ وارن خوش نصيبن ۾ شامل فرمائي.

میں پڑھتا رہوں سُنتیں، وَقْت ہی پر
ہوں سارے نَوافِل اَدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# مصيبت تي صبر، مَحَبّتِ الٰهي جو ذريعو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙي طرح اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان مَحَبَّت جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ ان جي طرف کان اچڻ وارين مُشڪلن ۽ مَصيبتن تي شڪوي ۽ شڪايات ڪرڻ جي بجائي، هر صُورت ۾ صَبر ڪيو وڃي، ڇو جو صبر ڪرڻ وارن کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پسند فرمائي ٿو. جيئن تہ سيپاري ۽ 4 سُورۂ اٰلِ عمران جي آيت نمبر 146 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَاللّٰهُ يُحِبُّ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۴۶﴾ **تَرجَمو ڪنز الايمان:** ۽ صبر وارا اللّٰه کي پيارا آهن.

تنهنڪري، جيڪڏهن اسان بہ صبر جي عادت ٺاهينداسين، تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان رَبّ تَعاليٰ جي سچي مَحَبَّت اسان جي دل ۾ پيدا ٿيندي.

حضرتِ سَيدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ”بي شڪ گهڻو اَجر سخت آزمائش تي ئي آهي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن قوم سان مَحَبَّت ڪندو آهي تہ انهن کي آزمائش ۾ مبُتلا ڪري ڇڏيندو آهي، تہ جيڪو ان جي قَضا تي راضي رهي، ان جي لاءِ ان جي رِضا آهي ۽ جيڪو ناراض ٿئي ان جي لاءِ ناراضي آهي.“ (ابن ماجه، كتاب الفتن، باب الصبر على البلاء، رقم ۴۰۳۱، ج۴، ص ۳۷۴)

ہے صبر تو خزانۂ فِردوس بھائیو!
عاشق کے لب پہ شکوہ کبھی بھی نہ آسکے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## دل ۾ دنيا جي مَحَبّت نه هئڻ، مَحبّتِ الٰهي جو ذريعو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! محبتِ الٰهي جي حُصُول جو هڪ ذريعو هي به آهي ته دُنيا جي مَحَبَّت کي پنهنجي دل مان ڪڍيو وڃي. پر افسوس دُنيا جي مَحَبَّت ۾ گرفتار ۽ ان جي رنگينين جو شڪار ٿي ڪري اسان جي دلين مان مَحَبَّتِ الٰهي جي چاشني ختم ٿي رهي آهي، ڇو جو جيڪڏهن اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت ۾ سچا هجون ها ته اسان جون نمازون قضا نه ٿين ها، رمضان جا روزا نه ڇڏجن ها، زڪوٰة جي اَدائيگي ۾ سُستي نه ڪندا هجون ها، معلوم ٿيو ته هي دُنيا جي مَحَبَّت جي نحوست ئي آهي ته جنهن جي بِناء تي اسان کي صحيح معنيٰ ۾ مَحبَّتِ اِلٰهي حاصل نه آهي. تنهنڪري دُنيا جي مَحَبَّت کان جلد اَزْ جلد جان ڇڏايو ڇو جو ان جي مَحَبَّت ۾ خَسارو ئي خَسارو آهي.

حضرتِ سَيدُنا عَبدُالله بن مَسعُود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان رِوآيت آهي ته شَهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جنهن کي دُنيا جي مَحَبَّت جو شربت پِياريو ويو، اهو ٽن (3) شين جو مزو ضرور چکيندو (١) اهڙي سختي جنهن سان ان جي ٿڪاوٽ دُور نه ٿيندي، (٢) اهڙو حرص جنهن کان اهو غَني نه ٿيندو، (٣) اهڙي خواهش جنهن جي تڪميل نه ڪري سگهندو. ڇو جو دُنيا طالبه (طلب ڪرڻ واري) ۽ مطلوبه (جنهن کي طلب ڪيو وڃي) آهي، تنهنڪري جنهن دُنيا کي طلب ڪيو، آخرت ان جي مرڻ تائين ان کي تلاش ڪندي رهندي، جڏهن اهو مري ويندو ته اها ان کي پڪڙي وٺندي ۽ جنهن آخرت طلب ڪئي، دُنيا ان کي ڳولهيندي رهندي ايستائين جو اها ان مان پنهنجو پُورو رِزْق حاصل ڪري وٺي.“

(طبرانی كبير ،عبدالله بن مسعود، رقم ١٠٣٢٨ ،ج١٠، ص ١٦٢)



www.dawateislami.net

بصره جي هڪ شيخ، حضرتِ رابعه بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡهَا وٽ آيا ۽ دُنيا جي شڪايت ڪرڻ لڳا ته پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡهَا جن فرمايو ته غالبًا توهان کي دُنيا سان تمام گهڻو لڳاؤ آهي، ڇو جو جيڪو شخص جنهن سان تمام گهڻي مَحَبَّت ڪندو آهي، ان جو ذڪر به تمام گهڻو ڪندو آهي، جيڪڏهن توهان کي دُنيا سان لڳاؤ نه هجي ها، ته توهان ڪڏهن ان جو ذِڪر نه ڪريو ها.

(تذکرۃ الاولیاء، ص۷۶، ملخصاً)

اِلٰہی! واسطہ دیتا ہوں میں میٹھے مدینے کا
بچا دُنیا کی آفت سے بچا عُقْبیٰ کی آفت سے

(وسائل بخشش،ص۴۰۳،۴۰۲،۴۰۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تلاوتِ قرآن جو شوق، مَحَبّتِ الٰهي جو ذريعو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **قرآنِ ڪريم** جي تلاوت ڪرڻ، ان ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ ان جي مَعاني و مَفاهيم کي سمجهي ڪري عمل ڪرڻ به ڪارِ ثواب ۽ مَحَبَّتِ الٰهي جي حُصُول جو هڪ بهترين ذريعو آهي.

**حضرت سهل تُستري** رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان مَحَبَّت جي علامت هي آهي ته اهو شخص **قرآنِ پاڪ** سان مَحَبَّت ڪري. مَحبَّتِ الٰهي ۽ مَحبَّتِ قرآن جي نشاني، حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ڪرڻ آهي ۽ حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان مَحَبَّت جي نشاني، توهان جي سُنَّت سان لڳاؤ رکڻ آهي. (مکاشفۃ القلوب،الباب الحادی عشر فی طاعۃ اللّٰہ ومحبۃ رسولہ ص۳۷) تنهنڪري اسان کي به **قرآنِ پاڪ** سان سچي مَحَبَّت هئڻ گهرجي ڇو جو مُحِب جي سچائي ٽن (3) شين سان ظاهر ٿيندي آهي. (۱) مُحِب (مَحَبَّت ڪرڻ وارو) محبوب جي ڳالهين کي سڀ کان چڱو سمجهندو آهي. (۲) ان جي لاءِ محبوب جي مجلس سڀ کان



www.dawateislami.net

بهتر مجلس هوندي آهي. (٣) ان جي نزديڪ محبوب جي رِضا سڀ کان عزيز هوندي آهي. (مكاشفة القلوب، الباب العاشر فى العشق ،ص٣٣ )

فلموں سے ڈراموں سے دے نفرت تُو الٰہی
بس شوق مجھے نعت وتلاوت کا خدا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تعليمِ قرآن کي عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جا مختلف شعبہ جات

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي **تعليم قرآن** کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جيڪي شعبا **قرآن** جي تعليمات کي عام ڪري رهيا آهن، ان جا نالا سماعت فرمايو.

(1) **مدرسةُ المدينہ للبنين** (2) **مدرسةُالمدينہ جُز وقتي** (3) **مدرسةُ المدينہ رهائشي** (4) **مدرسةُ المدينہ للبنات** (5) **مدرسةُ المدينہ بالغان** (6) **مدرسةُ المدينہ بالغات** (7) **مدرسةُ المدينہ للبنين آن لائن** (8) **مدرسةُ المدينہ للبنات آن لائن**

مدرسةُ المدينہ للبنين ۾ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ مدني مُنن کي **قرآنِ پاڪ** حفظ ۽ ناظره جي مُفت تعليم ڏني ويندي آهي. مدرسةُ المدينہ جُزوقتي ۾ اسڪول پڙهڻ وارن ٻارن کي اسڪول جي تعليم کان پوءِ هڪ يا ٻہ ڪلاڪن جي لاءِ **قرآنِ پاڪ** جي تعليم ڏني ويندي آهي. مدرسةُ المدينہ رهائشي ۾ طلبہ مدارس ۾ قيام پذير ٿي ڪري **قرآنِ پاڪ** حفظ ۽ ناظره جي تعليم حاصل ڪندا آهن. **مدرسةُ المدينہ للبنات** ۾ قاريه اسلامي ڀينرون مدني منين کي فى سبيل الله **قرآنِ پاڪ** حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏينديون آهن. **مدرسةُ المدينہ بالغان** ۾ اسلامي ڀائرن کي دُرست مخارج سان گڏ قرآنِ ڪريم پڙهايو ويندو



www.dawateislami.net

آهي، نماز، سنّتون ۽ دعائون بہ ياد ڪرايون ويندون آهن. مدرسةُ المدينہ بالغات ۾ اسلامي ڀينرن کي اسلامي ڀينرون گهرن ۾ اجتماعي طور تي فی سبيل اللّٰه قرآن پڙهائينديون آهن ۽ اسلامي ڀينرن کي نماز، دُعائون ۽ انهن جا مخصوص مسائل وغيره سيکارينديون آهن. مدرسةُ المدينہ للبنين آن لائن ۾ قاري صاحبان مدني منن ۽ وڏن کي بہ انٽرنيٽ جي ذريعي قرآنِ پاڪ پڙهائيندا، سنّتون سيکاريندا ۽ دعائون ياد ڪرائيندا آهن. مدرسةُ المدينہ للبنات آن لائن ۾ اسلامي ڀينرون، اسلامي ڀينرن کي انٽرنيٽ جي ذريعي دُرست ادائيگي سان گڏ **قرآنِ ڪريم** پڙهائينديون ۽ ان جي سنّت جي مطابق تربيت ڪنديون آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪم و بيش 83 ملڪن ۾ طلبہ ۽ طالبات انٽرنيٽ جي ذريعي **قرآنِ ڪريم** جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت پوري دنيا ۾ هن وقت مدرسةُ المدينہ جون ڪُل 2420 شاخون قائم آهن، جن ۾ ڪم و بيش 112116 (هڪ لک، ٻارنهن هزار، هڪ سو سورنهن) مدني منّا ۽ مدني منيون **قرآنِ ڪريم** حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. پاڪستان ۾ مدرسةُ المدينه جون 2277 شاخون ۽ ان ۾ ڪم و بيش 104228 (هڪ لک چار هزار ٻہ سو اٺاويهہ) مدني منّا ۽ مدني منيون جڏهن تہ بيرونِ ملڪ 143شاخن ۾ ڪم و بيش 7888(ست هزار، اٺ سو اٺاسي) مدني منا ۽ مدني منيون **قرآنِ پاڪ** جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدرسةُ المدينہ بالغان ۽ بالغات ۾ 12 هزار کان وڌيڪ طلبہ ۽ طالبات فی سبيل اللّٰه **قرآنِ ڪريم** جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.



www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! **قرآن** جي تعليمات ڪي شهرن سان گڏوگڏ اطراف جي ڳوٺن ۾ وڏيڪ وڌائڻ جي لاءِ 15 روزه رهائشي ڪورس پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ شروع ٿي چڪا آهن ۽ آئينده ان جو سلسلو مزيد شهرن ۾ به وڌايو ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

يہی ہے آرزُو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
تلاوت کرنا صُبح و شام میرا کام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان به **قرآن** جي تعليم سکڻ سيکارڻ جي لاءِ مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ جي لاءِ تشريف ڪٽي اچو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ شرڪت جون وڏيون برڪتون آهن. **قرآنِ ڪريم** جي تعليم سان گڏوگڏ شرعي مَسائل ۽ ڪجهه فرض علوم سکڻ جو موقعو به ملندو آهي.

نبي ڪريم، رؤوفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مَسائل سکڻ جي حوالي سان فضيلت بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: افضل عِبادَت دِين جا مَسائل سکڻ آهي ۽ افضل دِين شُبهات کان بچڻ آهي. (الترغيب والترهيب ج١ص ٥٠) جيڪو شخص علم جي طلب ۾ رهندو آهي،اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي رِزق جو ضامن آهي.

(كنز العُمّال ج١٠ ص٦٠ ،حديث:٢٨٦٩٧)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان به **قرآنِ ڪريم** کي دُرُسَت مَخارج سان پڙهڻ ۽ ضروري شَرعي مَسائِل سکڻ جي لاءِ مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ پابندي سان شرڪت جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ شرڪت جو ذوق ۽ شوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ اچو تہ! هڪ مدني بهار سماعت ڪريون .



www.dawateislami.net

## تلاوتِ قرآن جو شوق ڪيئن مليو؟

مرڪزُ الاولياء (لاهور) جي علائقي شاد باغ، حاجي پارڪ جي مقيم اسلامي ڀاءُ پنهنجي زندگي ۾ اچڻ واري مدني اِنْقلاب جي باري ۾ ڪجھ هن طرح بيان ڪن ٿا، آئون گُناهن جي ٿپنڊڙ صحراءَ ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻُڌڻ، رستي ۾ هلندڙ ڇوڪرين کي بُري نظرن سان ڏسڻ، انهن کي تنگ ڪرڻ ۽ مَعَاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڏاڙهي ڪوڙائڻ، منهنجي بُري عادتن ۾ شامل هو. قرآن ۽ سُنَّت جي اَحڪامات تي عمل ڪان پَري، دُنيا جي رنگينين ۾ مَسرُور پنهنجي زِندگي جي قيمتي ڏيهاڙا بي عملي ۽ جهالت جي ويران اونڌاهي ۾ برباد ڪري رهيو هئس. آئون وڏو خُوش هئس ته خُوب مزي جي زندگي گذري رهي آهي. پر آه! مون کي معلوم نه هو ته هي عيش عشرت منهنجي آخرت برباد ڪري رهي آهي. اچانڪ والد صاحب جو سهارو کڄي ويو، جنهن مون کي خوابِ غفلت کان بيدار ڪري ڇڏيو. دل ڪجھ نيڪي جي طرف مائل ٿيو، مون نمازِ باجماعت اَدا ڪرڻ شُروع ڪري ڇڏي. هڪ ڏينهن نماز پڙهڻ مسجد ۾ ويس، ته اُتي منهنجي مُلاقات سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي، هڪ باريش اسلامي ڀاءُ سان ٿي وئي، ان جو اندازِ مُلاقات ايتري قدر پيارو هو جو آئون متُاثر ٿيڻ جي بغير نه رهي سگهيس. اُنهن سلام ۽ مُصافَحي کان پوءِ اِنْفرادي ڪوشش ڪندي وڏي اَحسن انداز ۾ تلاوتِ **قرآنِ پاڪ** جو ذوق ۽ شوق ڏياريو، مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ شرڪت جي دعوت ڏني. اِصلاحِ اُمَّت جي جذبي سان سرشار، عاشقِ رسول اسلامي ڀاءُ جي مٺي اَنداز کي ڏسي ڪري مان انڪار نه ڪري سگهيس ۽ مسجد ۾ عشاء جي نماز کان پوءِ قائم ٿيڻ واري مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس. پهرين ڏينهن مبلّغ **دعوتِ اسلامي** جن **قرآنِ**



www.dawateislami.net

**پاڪ** ٻُڌو تہ ڪيترين غلطين جي نشاندهي ڪئي ۽ پيار پري انداز ۾ فرمائڻ لڳا، تہ **قرآنِ پاڪ** کي دُرُست مَخارج سان گڏ پڙهڻ ضروري آهي، ڇو جو تَلَفُّظ جي دُرُسَت نہ هئڻ جي سبب جيڪڏهن ڪنهن لفظ جو معنيٰ تبديل ٿي وڃي تہ اڪثر ڪري نماز فاسد ٿي ويندي آهي. مون کي جلد ئي پنهنجي ڪوتاهين جو احساس ٿي ويو ۽ مون نيت ڪري ورتي تہ **مدرسةُ المدينہ** (بالغان) ۾ پابندي سان شرڪت ڪري دُرُست مَخارج سان **قرآن پاڪ** پڙهڻ سکندس. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **مدرسةُ المدينہ (بالغان)** ۾ شرڪت جي برڪت سان **قرآنِ پاڪ** سکڻ سان گڏوگڏ نماز، وضو ۽ غسل ۽ ٻيا ڪيترا ضروري مسئلا سکڻ جي سعادت حاصل ٿي. آهستي آهستي هفتيوار سنّتن پري اجتماع ۾ شرڪت ۽ مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪرڻ لڳس. ان جي دوران **شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مريد ٿي ڪري **حضور غوثِ اعظم** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي غلامي جو پٽو بہ ڳلي ۾ وجهي ڇڏيو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سچي دل سان پنهنجي سابقہ گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ آئنده قُرآنِ ۽ سنّت جي احڪامن تي عمل ڪندي زندگي گذارڻ جو پختو ارادو ڪري ورتو. نمازِ پنجگانہ جو پابند ٿي ويس. مٿي تي سبز سبز عمامو شريف جو تاج ۽ چهري کي داڑهي شريف جي نور سان سينگاري ورتو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جلد ئي مون تجويد سان گڏ مڪمل قُرآنِ پاڪ پڙهي ورتو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نعمتِ الٰهي ۾ غور و فڪر، مَحَبَّتِ الٰهي جو ذريعو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ احسان ۽ ان جي ننڍين



www.dawateislami.net

وڏين ظاهِري باطِني نعمتن کي هر وَقْت پيشِ نظر رکڻ بہ مَحبتِ الٰهي جي حُصُول جو مُؤثِر ذريعو آهي. ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن تي بي شُمارِاِحسانات فرمايا، زمين کي فرش بڻايو، آسمان کي بغير ڪنهن سُتُون (ٿنڀ) جي قائم ڪيو، پنهنجي راهہ ٻڌائڻ ۽ حق جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ رُسُل ۽ انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي مَبعُوث فرمايو، ان کان علاوه جيڪڏهن اسان پنهنجي ذات ۾ غورڪريون تہ معلوم ٿيندو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي بي شُمار نعمتون عطا ڪيون آهن، مثلاً اسان کي پيدا ڪيو ۽ زِندگي باقي رکڻ جي لاءِ سَاهہ کڻڻ ۽ ڪڍڻ جو نظام عطا فرمايو، هَلڻ جي لاءِ پير ڏنا، ڇُهڻ جي لاءِ هٿ ڏنا، ڏسڻ جي لاءِ اکيون عطا فرمايون، ٻُڌڻ جي لاءِ ڪَنَ ڏنا، سُونگهڻ جي لاءِ نَڪ ڏنو، ڳالهائڻ جي لاءِ زبان عطا ڪئي ۽ بي شُمار اهڙيون نعمتون عطا فرمايون، جن ۾ اڄ تائين اسان ڪڏهن غور ئي ناهي ڪيو، حالانڪہ ان جي هڪ ننڍڙي نعمت بہ اسان جي ڪيترن سالن جي عِبادت ۽ رِياضت کان وڌيڪ آهي. جيئن تہ مَنقول آهي تہ پهرين جي اُمَّتن مان هڪ شخص جنهن چار سو (400) سال اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪئي هوندي، ان جي نامهءِ اعمال ۾ ڪو گناهہ بہ نہ هوندو. قيامت جي ڏينهن ان جي باري ۾ حڪمِ خداوندي ٿيندو "ان جي چار سو (400) سالن جي عبادت هڪ پلڙي ۾ ۽ اسان جي نعمتن مان صرف اک جي نعمت ٻي پلڙي ۾ رکو." وزن ڪيو ويندو، ان جي چار سو (400) سال جي اعمال کان هڪ ئي نعمت ڪئي ڳُنا وڌيڪ هوندي. (ملفوظات،ص۲۸۲، ملتقطاً ومفہومًا) تنهنڪري اسان کي ان جي عَطا ڪيل نعمتن کي هر وَقْت پيشِ نَظر رکندي اِن جو شُڪر ادا ڪندي رهڻ گهرجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

**اِصلاح جو نرالو انداز:** هڪ شخص حضرت سيدُنا يونس بن عبيد رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجي تنگدستي جي شڪايت ڪرڻ لڳو، تہ پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن ان کان پڇيو: ”جنهن اک سان تون ڏسي رهيا آهين، ڇا ان جي بدلي هڪ لَک دِرهم توکي قبول آهن؟“ ان عرض ڪيو: ”نہ.“ فرمايو: ”ڇا تنهنجي هڪ هٿ جي عوض لَک درهم؟“ ان چيو: ”ناهي.“ پوءِ فرمايو: ”تہ ڇا پيرن جي بدلي ۾؟“ جواب ڏنائين: ”نہ.“ راوي بيان ڪن ٿا تہ پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن ان کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بيون نعمتون ياد ڏيارڻ کان پوءِ ارشاد فرمايو:”آئون تہ تو وٽ لَکين (روپيا) ڏسي رهيو آهيان ۽ تون محتاجي جي شڪايت ڪري رهيو آهين؟“ (حلية الاولياء، الرقم 202 يونس بن عبيد،الحديث: 3017،ج 3،ص25)

| | |
|---|---|
| قلب میں یاد تیری بسی ہو | ذِکر لب پر تِرا ہر گھڑی ہو |
| مستی و بے خُودی اور فَنا کی | میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي خوش نصيب مسلمان پاڻ ۾ محبت رکندا آهن ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ جمع ٿيندا آهن، مثلاً دعوتِ اسلامي جي هفتيوارسنّتن ڀري اِجتماع ۾ ايندا آهن، مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ پڙهندا پڙهائيندا آهن، مدني درس ڏيندا يا ٻُڌندا آهن، مدني قافلن جا مسافر بڻجندا آهن، بعدِ فجر مدني حلقي ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪندا آهن، الغرض جيڪي بہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ جمع ٿيندا آهن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽ خوشنودي جي لاءِ هڪ ٻئي سان ملندا آهن، هڪ ٻئي تي مال خرچ ڪندا آهن، اُنهن کي محبتِ اِلٰهي حاصل ٿيندي آهي. جيئن تہ

**بهارِ شريعت** جلد 3ص577 ۾ لکيل آهي: ”اللّٰه تَعاليٰ اِرشاد فرمائي



www.dawateislami.net

تو: ”جيڪو ماڻهون منهنجي سبب پاڻ ۾ محبت رکندا آهن ۽ منهنجي سبب هڪ ٻئي وٽ ويهندا آهن ۽ پاڻ ۾ مِلندا جُلندا آهن ۽ مال خرچ ڪندا آهن، ان سان منهنجي محبت واجب ٿي وئي“.

("الموطا"للامام مالک،کتاب الشعر،باب ماجاء فی المتحابین فی اللہ،الحدیث:1828،ج2،ص439)

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ٻانهي سان مَحَبَّت:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح ٻانها، پنهنجي خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ سان مَحَبَّت ڪندا آهن، اهڙي طرح اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بہ پنهنجي ٻانهن سان مَحَبَّت فرمائي ٿو ڳڏوڳڏ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ٻانهي سان مَحَبَّت مختلف اعتبار سان ٿي سگهي ٿي، مثلاً اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ٻانهي سان راضي هئڻ، ان سان خير جو اِرادو فرمائڻ، ٻانهي جي تعريف ڪرڻ، ان کي پنهنجي ثواب سان مالامال فرمائڻ، ان سان عَفْو و دَر گُزرڪرڻ، ان کي پنهنجي اطاعت ۾ مشغول رکڻ ۽ پنهنجي نافرماني کان بچائڻ. (روح البیان ، سورۂ آلِ عمران، تحت آیۃ، ۱۴۸،۱۰۷/۱ بیضاوی، بقرۃ، تحت الآیۃ۱۶۴، ۱/ ۴۴۱،تفسیرِ خازن، تحت الآیۃ، قل ان کنتم تحبون اللہ فاتبعونی۱/۲۴۳)

## دِين سکڻ جي توفيق عطا فرمائيندو آهي:

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جڏهن پنهنجي ٻانهي سان مَحَبَّت فرمائيندو آهي، تہ ان کي دِين جي مَحَبَّت عطا فرمائي ڇڏيندو آهي جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ اللّٰه تَعاليٰ دُنيا ان کي بہ ڏيندو آهي، جيڪو ان کي محبوب هجي ۽ ان کي بہ جيڪو محبوب ناهي ۽ دِين صرف ان کي ئي ڏيندو آهي، جيڪو ان جي ويجهو پيارو هوندو آهي، تنهنڪري جنهن کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ دِين ڏنو، ان کي مَحبُوب بڻائي ورتائين. ("شعب الإیمان"، باب في قبض الید عن الاموال المحرمۃ،الحدیث:۵۵۲۴،ج۴، ص۳۹۵ ۔ ۳۹۶)



www.dawateislami.net

## مخلوق ۾ ان جو ذِڪرِ خير فرمائيندو آهي

اهڙي طرح جڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پانهي سان مَحَبَّت ڪندو آهي ته ان جي ذِڪرِ خَير کي پنهنجي مخلوق ۾ عام فرمائي ڇڏيندو آهي، هر طرف ان جي نيڪ نامي ۽ ڀلائي جا چرچا هئڻ لڳندا آهن. حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان مَحَبَّت ڪندو آهي ته حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام کي گهُرائيندو آهي، پوءِ فرمائيندو آهي ته آئون فُلاڻي سان مَحَبَّت ڪندو آهيان، تون ان سان مَحَبَّت ڪر، جيئن ته حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام ان سان مَحَبَّت ڪندا آهن، آسمان ۾ اعلان ڪندي چوندا آهن ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فُلاڻي سان مَحَبَّت ڪري ٿو، توهان ماڻهون ان سان مَحَبَّت ڪريو، ته ان سان آسمان وارا مَحَبَّت ڪندا آهن، پوءِ ان جي لاءِ زمين ۾ قبوليت رکي ويندي آهي ۽ جڏهن رب تَعاليٰ ڪنهن ٻانهي کان ناراض ٿيندو آهي، ته فرمائيندو آهي ته آئون فُلاڻي کان ناراض آهيان، ته توهان به ان کان ناراض ٿي وڃو، فرمايو ته جبرئيل ان کان ناراض ٿي ويندا آهن، پوءِ آسمان وارن ۾ اعلان ڪندا آهن ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فُلاڻي کان ناراض آهي، توهان ماڻهو به ان کان ناراض ٿي وڃو، فرمايو: پوءِ اهي ماڻهون ان سان نفرت ڪندا آهن، پوءِ زمين ۾ ان جي لاءِ نفرت رکي ويندي آهي.

(صحيح مسلم،ڪتاب البر، باب اذا احب اللہ تعالٰی عبدًا۔۔۔۔الخ، حديث:۱۶۳۷، ص۱۴۱۷)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو محبوب بنجڻ جي لاءِ وڌ کان وڌ عبادت، تلاوت ۽ نيڪين جي عادت بڻايون ۽ جيڪڏهن بتقاضاءِ بَشَرِيت ڪو گُناهه سَرزَد ٿي وڃي ته فوراً اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سچي توبهه ڪريون، ڇو جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توبهه ڪرڻ وارن کي به گهڻو پسند



www.dawateislami.net

فرمائيندو آهي. جيئن ته سيپاري 2 سُوْرَةُ الْبَقَرَة جي آيت 222 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿۲۲۲﴾

(پ ۲، البقره :۲۲۲)

**ترجمو ڪنز الايمان**: بيشڪ الله توبهه ڪندڙن کي گهڻو پسند ڪري ٿو ۽ پاڪائي ڪندڙن کي پسند فرمائي ٿو.

ميں ڪر ڪے توبه پلٹ ڪر گناه ڪرتا ہوں
حقيقی توبه کا ڪر دے شرف عطا يا رب

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**حضرت سَيِّدُنا انس** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ **کان مروي آهي ته سيدُ المبلغين، رَحۡمَةٌ لِّلۡعٰلَمِين** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ عاليشان آهي: " گُناهه کان توبهه ڪرڻ وارو ائين آهي، جڻ ته ان گُناهه ڪيو ئي نه ۽ جڏهن الله** عَزَّوَجَلَّ **ڪنهن ٻانهي سان مَحَبَّت ڪندو آهي، ته ان کي ڪو گُناهه نُقصان ناهي ڏيندو.**

(فردوس الاخبار للديلمی ،باب التاء ،الحديث ۲۲۵۱،ج۱،ص۳۰۸)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته توبهه ڪرڻ به الله** عَزَّوَجَلَّ **جو پسنديده ۽ محبوب ڪم آهي، تنهنڪري اسان کي به پنهنجي صغيره ۽ ڪبيره گُناهن کان توبهه ڪندي رهڻ گهرجي، بِالخُصُوص جڏهن رات جو سمهڻ جي لاءِ بستر تي اچون، ته پوري ڏينهن جي مُعامَلات کي ياد ڪندي فڪرِمدينه** (يعني غور ۽ فِڪر) **ڪريون.**

**شيخِ طريقت، اميراهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابُوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جي عطا ڪيل، 72 مدني**



www.dawateislami.net

انعامات مان، مدني انعام نمبر 16 ۾ آهي ته”ڇا اڄ توهان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيري (بهتر هي آهي ته سمهڻ کان پهريان) صَلٰوةُ التوبہ پڙهي ڪري پوري ڏينهن جي سابقه ٿيڻ وارن تمام گُناهن کان توبهه ڪري ورتي؟ گڏوگڏ خدانخواسته گُناهه ٿي وڃڻ جي صُورت ۾ فوراً توبهه ڪري آينده اهو گُناهه نه ڪرڻ جو عهد ڪيو؟“ تنهنڪري اسان کي به گهرجي ته پوري ڏينهن ۾ جيڪڏهن ڪا نيڪي، ڇاٽي اَٽڃاٽي ۾ ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ ڪئي، ته ان کان توبه ڪندي، آئنده اِخْلاص سان نيڪيون ڪرڻ جي نِيت ڪريون ۽ گُناهن کي ياد ڪري سچي توبهه ڪرڻ جي عادت بڻايون ته جيئن اسان به اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب ٻانهن ۾ شامل ٿي وڃون.

مِٹا میرے رَنج و اَلَم یاالٰہی
عطا کر مجھے اپنا غم یاالٰہی
شرابِ مَحَبَّت کچھ ایسی پِلا دے
کبھی بھی نشہ ہو نہ کم یاالٰہی
عبادت میں لگتا نہیں دل ہمارا
ہیں عِصیاں میں بَدمَسْت ہم یاالٰہی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَحَبّتِ الٰهي جي باري ۾ مَزيد مَعلُومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اِداري مکتبة المدينہ جي مَطبُوعہ 692 صَفحن تي مُشتمل ڪتاب بنام ”مُكاشَفَةُ القُلُوب“ جي باب ”مَحَبَّتِ الٰهي“ جو مُطالَعو بي حد مُفيد آهي گڏوگڏ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان سچي محبت ڪرڻ وارن، نيڪوڪارن جي صُحبت اختيار ڪرڻ، انهن جي نصيحت آميز گفتگو کي پنهنجي لاءِ مَشعلِ راهه بنائڻ به، محبت ِالٰهي جي عَلامت آهي. تنهنڪري مَحَبَّتِ الٰهي وڌائڻ، رِضائي الٰهي حاصل ڪرڻ، دل ۾ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جڳائڻ، ايمان جي حِفاظت جي ڪڙهڻ وڌائڻ، خُود کي عذابِ قبر ۽ جهنَّم کان ڊڄارڻ، گُناهن جي عادت مِٽائڻ، خود کي سُنَّتن جو پابند بنائڻ، دل ۾ عشقِ رسول جي شَمع روشن ڪرڻ ۽ جنّت الفردوس ۾ مکي مَدَني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ



www.dawateislami.net

وَسَلَّم جو پاڙو حاصل ڪرڻ جو شوق وڌائڻ جي لاءِ سنو، مدني ماحول ۽ نيڪ ماڻهن جي صُحبت بيحد ضروري آهي، ڇو جو اڄ مُعاشري جي ناگُفته بِهِ حالات ۾ گُناهن جو زور دار سيلاب، جنهن کي ڏسو وَهائي وڃي رهيو آهي، ان صورتِ حال ۾ تبليغِ قُرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول ڪنهن نعمتِ عُظمٰي کان گهٽ ناهي، تنهنڪري توهان بہ ان پياري مدني ماحول سان هر وقت وابَستہ رهو.گڏوگڏ عاشقانِ رَسُول سان گڏ سُنَّتن جي تَربِيت جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي وٺو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مَحبتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۽ سُنَّتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دولت جو خزانو حاصل ٿيندو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي بيان ڪيل مدني گُلن تي عمل ڪرڻ جي سَعادَت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بيان جو خلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جي حوالي سان ڪجهه مدني گُل ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي تہ ڪهڙن ڪهڙن ذريعن سان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ٿي سگهي ٿي.

(1) پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي (2) نوافل جي ڪثرت، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي (3) مصيبت تي صبر، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي (4) دِل مان دُنيا جي مَحَبَّت کي ڪڍي ڇڏڻ، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي (5) تِلاوتِ قرآن، اللّٰه



www.dawateislami.net

عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي (6) اللّٰه تبارڪ وتَعاليٰ جي نعمتن جو شڪر ۽ ان جي نعمتن ۾ غورءِ فِڪر، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي (7) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ٻانهي سان مَحَبَّت، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس اَلْمدينہ لائبريري جو تَعارُف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي سُنّتن جي خِدمت جي لاءِ ڪم وبيش 100 شُعبہ جات ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي. آسان انداز سان علمِ دين جي روشني ڦيلائڻ ۽ ماڻهن کي اسلامي تعليمات سان رُوشناس ڪرائڻ جي لاءِ ان شعبن ۾ هڪ شُعبو ”المدينہ لائبريري“ بہ قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ مُطالَعي جي لاءِ خُوشگوار ماحول، آڊيو، ويڊيو بيانات ۽ مدني مذاڪرا ٻُڌڻ ۽ مَدَني چينل ڏسڻ جي لاءِ ڪمپيوٽر وغيره جي ترڪيب ٺاهي وئي آهي. المدينہ لائبريري ۾ مُختلِف مَوضُوعن تي مُشتمِل شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه، عُلَماءِ اهلسنت كَثَّرَهُمُ اللّٰه تَعَالٰى ۽ اَلْمدِينَةُ الْعِلْمِيه جي ڪتُب ۽ رَسائِل ۽ VCDs,CDs وغيره مجلس جي طرف کان طي شده نظام جي مطابق رکڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي. اسان بہ اِن سَهولَت مان فائدو حاصل ڪندي علمِ دين جي برڪتن سان مالا مال ٿي سگهون ٿا.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ



www.dawateislami.net

سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰەُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(ابن عساڪر ج 9 ص 343)

سینہ تری سُنّت کا مدینہ بنے آقا
جَنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”عمامو شريف“ جي نوَن اکرن جي نسبت سان عمامي جا 9 مدني گل

پہ فرامين مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ۞ عمامي سان گڏ ہہ رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي. (الفردوس بماثورالخطاب ج 2 ص 265 حديث 3233) ۞ عمامي سان گڏ نماز ڏهہ هزار نيڪين جي برابر آهي. (ايضاً ج 2 ص 406 حديث 3805 فتاويٰ رضويه ج 6 ص 213) ۞ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 38) ۞ عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇهہ گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبد نما هجي. (فتاويٰ رضويه ج22 ص 186) ۞ رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اهو عمامو ئي آهي ۽ ۞ ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ ٻہ وَر اچي سگهن ٻَڌڻ مڪروهہ آهي. (فتاويٰ رضويه ج 7 ص 299) ۞ عمامي کي جڏهن نئي سري سان ٻڌو هجي تہ جيئن ٻڌيل آهي ائين کوليو ۽ هڪ مهل زمين تي نہ اُڇلايو . (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 330) ۞ جيڪڏهن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت هجي تہ هڪ هڪ پيچ کولڻ تي



www.dawateislami.net

هڪ هڪ گناهه مٿايو ويندو . (ملخص از فتاويٰ رضويه ج 6 ص 214) عمامي جو طبي فائدو هي آهي تہ: ۞ مٿي اگهاڙي رهندڙ جي وارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره سڌو سنئون اثر ڪندي آهي ان سان نہ صرف وار بلڪ دماغ ۽ چهرو بہ متاثر ٿيندو آهي ۽ صحت کي نقصان پهچي سگهي ٿو، تنهنڪري سنت جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنهي جهانن ۾ عافيّت آهي.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بہارِ شریعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتیں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لُوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو　　ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو
سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو　　ختم ہوں شامتیں قافِلے میں چلو

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو



www.dawateislami.net

موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،



www.dawateislami.net

### (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُود شريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[5]

### (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[4] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[5] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[6] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،
سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[7] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net